SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر X مجريه 1982

SINDH ORDINANCE NO.X OF 1982

سنڌ اريگيشن واٽر يوزرس ايسوسيئيشنز آرڊيننس، 1982

THE SINDH IRRIGATION WATER USERS ASSOCIATIONS ORDINANCE, 1982

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان، واڌارو ۽ شروعات

Short title, extend and commencement

2. ٻين قانونن تي سبقت رکندڙ آرڊيننس

Ordinance to over_ride other laws

3. وصفون

Definitions

4. واٽر ڪورس تنظيمون

Water course associations

5. بورډ

Board

6. بورډ جي ګڈجاڑي

Meeting of Board

7. واټر ڪورس ايسوسيئيشن جا اختيار

Powers of water course association

8. واټر ڪورس کي برقرار رکڻ لاءِ طريقيڪار ۽ هدايتون

Manner and guide lines for maintenance of water course

9. ڊسٽريبيوٽري ايسوسيئيشنز

Distributory associations

10. ڪئنال ايسوسيئيشن

Canal association

11. ڊسٽريبيوٽري ۽ ڪئنال ايسوسيئيشنز جي جنرل باڊي ۽ عملدار

General body and officers of distributory and canal associations

12. ڊسٽريبيوٽري ۽ ڪئنال ايسوسيئيشنز جون ذميواريون ۽ اختيار

Duties and powers of distributor and canal associations

13. جنرل باڊي جي ګڈجاڑي

Meeting of the general body

14. ايسوسيئيشنز باڊيز ڪارپوريٽ هونديون

Associations to be bodies corporate

15. تڪرارن جو حل

Settlement of disputes

16. لينڊ روينيو جي رهتن جي بازيابي

Recovery of dues as arrears of land revenue

17. ڊسٽريبيوٽري جو سڌارو

Improvement of Distributory

18. زمينون حاصل ڪرڻ

Acquisition of lands

19. جاچ

Inquiry

20. قاعدا جوڙڻ جو اختيار

Power to make rules

21. باءِ لاز جي منظوري

Approved of bye_laws

سنڌ آرڊيننس نمبر X مجريہ 1982

SINDH ORDINANCE NO.X OF 1982

سنڌ اريگيشن واٽر يوزرس ايسوسيئيشنز آرڊيننس، 1982

THE SINDH IRRIGATION WATER USERS ASSOCIATIONS ORDINANCE, 1982

[10 جولاءِ 1982]

آرڊيننس جنهن ذريعي ايريگيشن واٽر يوزرس ايسوسيئيشن جي جوڙجڪ ۽ ڪارڪردگي کي ممڪن بڻايو ويندو.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ اريگيشن واٽر يوزرس ايسوسيئيشنس ذريعي زمين جي سطح ۽ زمين اندر پاڻي کي آبپاشيءَ تي ٿيندڙ زرعي زمين لاءِ وڌيڪ سڌاري ڪارائتو بڻائڻو آهي؛

هاڻي، تنهن ڪري، پنجين جولاءِ 1977 ۽ پرووِيزنل ڪنسٽيٽيوشن آرڊر، 1981 جي اعلان جي روشني ۾ سنڌ جي گورنر هينيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان، واڌارو ۽ شروعات

Short title, extend and

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ ايريگيشن يوزرس ايسوسيئيشن آرڊيننس، 1982 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو.

(3) اهو ڪجهہ اهڙن علائقن ۾ اهڙي واٽر ڪورس يا واٽر

commencement

ڪورسز تي لاڳو ٿيندو (جن کي هن ڪانپوءِ پروجيڪٽ ايريا چيو ويندو)، جيئن حڪومت وقت بوقت نوٽيفڪيشن ۾ واضح ڪري.

ٻين قانونن کي ختم ڪرڻ لاءِ آرڊيننس

Ordinance to over_ride other laws

2. هن آرڊيننس جون گنجائشون ۽ هن هيٺ جڙيل قاعدا فوري طور رائج ٻئي قانون يا قاعدن تي اثرانداز ٿيندا، بشرطيڪ اهي لاڳو قانون يا قاعدن جي برعڪس نه هجن، بشرطيڪ اهو اهڙي قانون جي مقصد لاءِ هجي، جنهن جو تعلق آبپاشيءَ سان هجي، انفرادي طور پاڻي استعمال ڪندڙ کي ايسوسيئيشن ۾ شامل ڪيو وڃي.

وصفون

Definitions

3. (1) هن آرڊيننس ۾ جيستائين ڪجهه مضمون ۽ مفهوم جي متضاد نه هجي، تيستائين:

(a) "ايسوسيئيشن" مطلب واٽر ڪورس ايسوسيئيشن، ڊسٽريبيوٽري ايسوسيئيشن يا ڪئنال ايسوسيئيشن؛

(b) "بورڊ" مطلب واٽر ڪورس ايسوسيئيشن جو بورڊ؛

(c) "باءِ لاز" مطلب هڪ ايسوسيئيشن جا باءِ لاز؛

(d) "ڪئنال ايسوسيئيشن" مطلب دفعه 10 تحت جوڙيل ڪئنال ايسوسيئيشن؛

(e) "ڊائريڪٽر" مطلب فارم واٽر مئنيجمينٽ تي مقرر ڊائريڪٽر يا هن آرڊيننس تحت اهڙيءَ ريت مقرر ڪيل يا ان سلسلي ۾ بااختيار ٻڌايل ڪو عملدار؛

(f) "ڊسٽريبيوٽري ايسوسيئيشن" مطلب دفعه 9 تحت جوڙيل ڊسٽريبيوٽري ايسوسيئيشن؛

(g) "جنرل باڊي" مطلب هڪ ايسوسيئيشن جي ٿوٿل ميمبرشپ؛

(h) "حڪومت" مطلب سنڌ حڪومت؛

(i) "بيان ڪيل" مطلب قاعدن ۾ باءِ لاز موجب بيان ڪيل؛

(j) "قاعدا" مطلب هن آرڊيننس تحت جوڙيل قاعدا؛

(k) "واٽر ڪورس ايسوسيئيشن" مطلب دفعہ 4 تحت رجسٽر ٿيل پاڻي استعمال ڪندڙن جي هڪ ايسوسيئيشن؛ ۽

(l) "واٽر يوزر" مطلب اهو شخص جيڪو پنهنجي يا قبضي هيٺ آبادي لائق زمين لاءِ واٽر ڪورس ذريعي آبپاشي جي پاڻي جي سهولت حاصل ڪندڙ هجي، ۽ هڪ کان وڌيڪ ماڻهن جي زمين جي مالڪ هئڻ يا قبضو رکڻ جي صورت ۾، انهن منجهان ڪو هڪ بااختيار بڻايل انهن طرفان عمل ڪندو هجي.

(2) هن آرڊيننس ۾ استعمال ڪيل پر واضح نہ ڪيل لفظن ۽ اظهارن جي معنيٰ ترتيبوار اها ورتي ويندي جيڪا انهن کي سنڌ ايريگيشن ايڪٽ، 1879 ۾ ڏني وئي آهي.

واٽر ڪورس تنظيمون

Water course associations

4. (1) جتي هڪ واٽر ڪورس تي پاڻي استعمال ڪندڙ هڪ ايسوسيئيشن جوڙڻ لاءِ راضي هجن، جيڪي اتان جي آبادگارن مان ايڪونجاهہ سيڪڙو کان گهٽ نہ هجن، اهي اهڙي درخواست ڊائريڪٽر کي ڏيندا.

(2) ڊائريڪٽر ذيلي دفعہ (1) تحت اهڙي درخواست ملڻ جي ست ڏينهن اندر واٽر ڪورس جي سيني پاڻي استعمال ڪندڙن جي گڏجاڻي ڪوٺائيندو. جيڪڏهن گڏجاڻي ۾ انهن منجهان ڇاهٽ سيڪڙو ٿهراءَ ذريعي ايسوسيئيشن ٺاهڻ جا خواهشمند هجن، سمورا پاڻي استعمال ڪندڙ آبادگار ايسوسيئيشن جا ميمبر ٿيندا ۽ ان لاءِ باقي رهيل پاڻي واپرائيندڙن جي رضامندي جي ضرورت نہ هوندي.

(3) ڊائريڪٽر ذيلي دفعہ (1) تحت واٽر ڪورس جي نالي سان ايسوسيئيشن رجسٽر ڪندو. ان سلسلي ۾ جوڙيل رجسٽر ۾ ان جي داخلا ڪندو. تفصيل لکندو جهڙوڪ واٽر ڪورس، ايسوسيئيشن جوڙيندڙ واٽر يوزرس جا مڪمل تفصيل، يا ذيلي دفعہ (2) تحت ٿهراءُ پاس ڪري تنظيم ٺاهڻ بابت تفصيل، سمورن حمايت ڪندڙن ۽ حمايت نہ ڪندڙ واٽر يوزرس جا تفصيل، واٽر ڪورس تي هر واٽر يوزر جي مالڪي يا قبضي هيٺ زرعي زمين جو علائقو ۽ اهڙا ٻيا تفصيل، جيڪي وقت بوقت ڊائريڪٽر طرفان طلب ڪيا ويندا.

(4) ايسوسيئيشن جي ميمبرز جي فهرست تي بيان ڪيل طريقي موجب هر سال نظرثاني ڪئي ويندي ۽ ان جون گهاٽيون واڌيون پوريون ڪيون ويندیون.

(5) جتي ايسوسيئيشن جو ڪو ميمبر مستقل طور تي مالڪي هيٺ يا قبضي هيٺ رکيل زرعي زمين منتقل ڪري ٿو منتقلي حاصل ڪندڙ جي ان سلسلي ۾ ايسوسيئيشن ذريعي ڊائريڪٽر کي درخواست ذريعي ڪيس منتقل نڪڻ جي

جڳهه تي نئون ميمبر رجسٽر ڪيو ويندو.

(6) جيڪڏهن ڪنهن شخص کي ايسوسيئيشن جو ميمبر بڻائڻ تي ڪو اعتراض آهي تہ ڪليڪٽر کي اپيل ڪئي ويندي، جنهن جو فيصلو حتمي هوندو:

(7) ڊائريڪٽر هن سيڪشن تحت رجسٽر ڪيل ايسوسيئيشن کي رجسٽريشن جو سرٽيفڪيٽ جاري ڪندو ۽ اهڙو سرٽيفڪيٽ ايسوسيئيشن جي جائز موجودگي جو ثبوت هوندو.

بورڊ

Board

5. (1) بورڊ گهٽ ۾ گهٽ پنج ميمبرن تي مشتمل هوندو جيڪي ايسوسيئيشن جي ميمبرن منجهان ڳجهي راءِ شماري ذريعي چونڊيا ويندا ۽ ٽن سرڪاري ميمبرن کان وڌيڪ نہ هوندا، جيڪي حڪومت طرفان مقرر ڪيا ويندا.

(2) بورڊ جا غير سرڪاري ميمبر ٻن سالن جي مدي لاءِ چونڊيا ويندا:

بشرطيڪ اڌ يا ان برابر پهرين چونڊن دوران چونڊيل نان آفيشل ميمبرز جن جا نالا لاٽ ذريعي جاري ڪيا ويندا، اهي هڪ سال لاءِ آفيس رکي سگهندا، ۽ انهن جيترائي ميمبرز انهن جي جاءِ تي چونڊيا ويندا:

وڌيڪ تہ ڪو بہ نان آفيشل ميمبر بورڊ ۾ لڳاتار ٻن مدن کان وڌيڪ لاءِ خدمتون سرانجام نہ ڏئي سگهندو.

(3) بورڊ سالياني چيئرمين، سيڪريٽري ۽ خزانچي نان آفيشل

ميمبرز منجهان چونڊيندو بشرطيڪ ساڳيو ماڻهو سيڪريٽري ۽ خزانچي طور چونڊي سگهجي ٿو.

(4) بورڊ طرفان ڪنهن معاملي جي منظوري ڏئي سگهجي ٿي، جيڪڏهن ميمبرن جو ۾ پاڻي ٿي حصو ان جي حمايت ۾ هجي، سواءِ بورڊ جي آفيشل ميمبرن کي ووٽنگ جو حق حاصل نه هوندو.

(5) بورڊ جي گڏجاڻيءَ ۾ شامل ٿيڻ لاءِ اهڙي هر ميمبر کي بيان ڪيل طريقي موجب حلف ڪڻو پوندو.

(6) بورڊ هيٺين شين جو ذميوار هوندو:

(a) اهڙيون ذميواريون نيائيندو، جيڪي جنرل باڊي طرفان سونپيون وڃن؛

(b) ايسوسيئيشن جي ايگزيڪيوٽو اٿارٽي جي حيثيت ۾ ذميواريون نيائيندو؛

(c) ايسوسيئيشن طرفان تعمير واٽر ڪورس ۽ ٻين ترقياتي ڪمن جي تعمير ۽ مرمت جي نظرداري ڪرڻ؛

(d) واٽر ڪورس جي آپريشن، مرمت، سڌاري ۽ ريهيبليٽيشن لاءِ منصوبو جوڙڻ؛

(e) واٽر ڪورس کي گهارن پوڻ جي صورت ۾ انهن جي مرمت لاءِ هنگامي اختيارن جو استعمال؛

(f) ڊڇ کوٽائي ڪندڙ ۽ تعميراتي ڪم ڪندڙ ماڻهو مقرر

ڪرڻ؛

(g) ايسوسيئيشن طرفان معاهدا ڪرڻ؛

(h) حڪومتي ادارن ۽ ايسوسيئيشن ميمبرز وچ ۾ اڪيلي طور يا مجموعي طور رابطي جو ذريعو بڻجڻ؛

(i) ايسوسيئيشن جا مالي ۽ تنظيمي رڪارڊ رکڻ ۽ سنيالڻ؛

بورڊ جي گڏجاڻي

Meeting of Board

6. (1) بورڊ جو چيئرمين برو‌ڊ جي گڏجاڻي ڪوڻائيندو ۽ ان جي صدارت ڪندو؛

البتہ سندس غير حاضري جي صورت ۾ چيئرمين طرفان نامزد ڪيل بورڊ جو نان آفيشل ميمبر گڏجاڻي جي صدارت ڪندو.

(2) ايسوسيئيشن جو سيڪريٽري بورڊ جي گڏجاڻين جون ڪارروايون لکندو ۽ ايسوسيئيشن جو رڪارڊ سنيالڻ جو ذميوار هوندو.

(3) دفعہ 14 جي ذيلي دفعہ (2) تحت بورڊ جو خزانچي اثاثا جمع ڪندو ۽ ايسيئيشن جا اڪائونٽس سنياليندو.

(4) سمورا معاهدا ۽ ايسوسيئيشن جا ساڻگئي قسم جا ڪم، ان طرفان چيئرمين ۽ سيڪريٽري صحيح ڪندا.

(5) ايسوسيئيشن جي اڪائونٽ منجهان رقم جو نيڪال چيئرمين ۽ خزانچي جي صحيح سان ٿيندو.

واتر ڪورس ايسوسيئيشن جا

7. قاعدن موجب، واتر ڪورس ايسوسيئيشن کي هيٺيان

اختيار هوندا:	اختيار
(a) واٽر ڪورس کي هلائڻ، سار سنڀال، سڌارو آڻڻ ۽ تياري ڪرڻ؛	Powers of Water course association
(b) زمين جي سطح ۽ سب سوائل پاڻيءَ جي ذريعن کي پاڻي پهچائڻ جي طريقن کي سڌارڻ؛	
(c) فارمن وارين کڻڻ ۽ فيلڊ آئوٽ ليٽس جي ترقي ۽ مرمت جي منظوري ڏيڻ؛	
(d) ٽيوب ويلس ۽ لفٽس پمپس سنڀالڻ، قبضي ۾ رکڻ، هلائڻ ۽ سار سنڀال ڪرڻ؛	
(e) آن فارم پاڻي جي استعمال ۽ سار سنڀال جي سڌاري جا طريقا اختيار ڪرڻ ۽ زرعي پيداواري جي واڌاري لاءِ انهن جو استعمال ڪرڻ؛	
(f) پاڻي جي فراهمي جو شيڊول جوڙڻ ۽ پاڻي فراهمي ۽ ورهاست جي نظرداري ڪرڻ؛	
(g) ان ڳالهه کي يقيني بڻائڻ هر ڪو ميمبر پاڻيءَ مان مناسب حصو ۽ صحيح وقت تي حاصل ڪري ٿو.	
(h) زمينن لاءِ نالين لاءِ صحيح هنڌ منتخب ڪرڻ، جوڙڻ، لڳائڻ ۽ سار سنڀال ڪرڻ.	
(i) واٽر ڪورسز جي ڪاٽي، آپريشن ۽ مرمت دوران رندڪون هٽائڻ؛	

(j) عام يا هنگامي بنيادن تي واٽر ڪورس جي مرمت يا لاڳاپيل مقصدن لاءِ مزدور مقرر ڪرڻ؛

(k) عام ۽ خاص قسمن جا تجزيا ڪرڻ، انهن جو تعين ڪرڻ ۽ ان مطابق وصولي ڪرڻ؛

(l) اهو يقيني بڻائڻ تہ ايسوسيئيشن جا سمورا ميمبر بيان ڪيل طريقي موجب مزدوري ۽ واٽر ڪورس جي سڌاري، مرمت ۾ هلائڻ لاءِ هڪ جيترو حصو وٺن ٿا؛

(m) قرض ۽ گرانٽس حاصل ڪرڻ لاءِ معاهدن ۾ حصو وٺڻ ۽ پيهر ادائگي جو شيڊول جوڙڻ؛ ۽

(n) اهڙن پروگرامن ۾ شرڪت ڪرڻ تہ جيئن واٽر ڪورس جي سڌاري، زمين جي سنوت ڪرڻ ۽ زرعي اقتصاديات جي روايتن تي هلڻ، ۽ تعميرات ۽ بين سڌارتي ڪوششن سان لاڳاپيل اوزارن جي ڪارگر استعمال کان باخبر ٿي سگهجي؛

واٽر ڪورس جي مرمت لاءِ طريقيڪار ۽ هدايتون

Manner and guide lines for maintenance of water course

8. (1) جتي ڪنهن پروجيڪٽ ايريا ۾ ڪنهن واٽر ڪورس ۾ سڌارو آندو ويو آهي، اها ايسوسيئيشن جي ذميواري هوندي تہ اها ان کي اهڙيءَ ريت قائم رکي جيئن ان بابت ڊائريڪٽر طرفان هدايتون ڏنيون ويون آهن.

(2) جتي ڊائريڪٽر مطمئن آهي تہ واٽر ڪورس جي سار سنيال اهڙيءَ ريت ناهي ڪئي وئي جيئن ذيلي دفعہ (1) ۾ بيان ڪيل آهي تہ، هي ان واٽر ڪورس جي مٿي ڄاڻايل طريقي موجب مرمت ۽ سار سنيال جو حڪم ڏئي سگهي ٿو ۽ ان تي آيل خرچ ايسوسيئيشن کان ليند رويئيو جي رهتن طور

اوڳاڙيو ويندو.

ڊسٽريبيوٽري ايسوسيئيشنز

Distributory associations

9. (1) جتي هڪ ڊسٽريبيوٽري جي پروجيڪٽ ايريا تي واٽر ڪورس ايسوسيئيشنز مان اڏ ايسوسيئيشنز هڪ ڊسٽريبيوٽري ايسوسيئيشن جوڙڻ چاهين ٿا، اهي ڊائريڪٽر کي اهڙي درخواست ڏئي سگهن ٿيون ۽ واٽر ڪورس ايسوسيئيشن جي رجسٽريشن سان لاڳاپيل گنجائشن جهڙا، ڊسٽريبيوٽري ايسوسيئيشن جي رجسٽريشن تي شرط ۽ ضابطا لاڳو ٿيندا.

(2) ڊسٽريبيوٽري جي پروجيڪٽ ايريا ۾ ذيلي دفعہ (1) تحت جڙيل واٽر ڪورس ايسوسيئيشنز اهڙي ڊسٽريبيوٽري ايسوسيئيشن جي جوڙڻ جي صورت ۾ ان جون ميمبر ٿي ويندیون.

ڪئنال ايسوسيئيشن

Canal association

10. (1) جتي هڪ ڪئنال جي پروجيڪٽ ايريا ۾ اڏ کان وڌيڪ ڊسٽريبيوٽري ايسوسيئيشنز هڪ ڪئنال ايسوسيئيشن جوڙڻ چاهين ٿا، اهي ڊائريڪٽر کي درخواست ڪندیون ۽ واٽر ڪورس ايسوسيئيشن جي رجسٽريشن سان لاڳاپيل گنجائشن جهڙا شرط ۽ ضابطا ڪئنال ايسوسيئيشن جي رجسٽريشن تي لاڳو ٿيندا.

(2) ڪئنال جي پروجيڪٽ ايريا ۾ ذيلي دفعہ (1) تحت جڙيل ڊسٽريبيوٽري ايسوسيئيشنز اهڙي ڪئنال ايسوسيئيشن جي جوڙڻ جي صورت ۾ ان جون ميمبر ٿي ويندیون.

ڊسٽريبيوٽري ۽ ڪئنال ايسوسيئيشنز جي جنرل بادي ۽ عملدار

General body and officers of distributory and canal associations

11. (1) واٽر ڪورس ايسوسيئيشنز جي بوربس جا چيئرمين جيڪي ڊسٽريبيوٽري ايسوسيئيشن جوڙيندا، اهي ڊسٽريبيوٽري ايسوسيئيشن جي جنرل بادي هوندا.

(2) ڊسٽريبيوٽري ايسوسيئيشنز جي بوربس جا چيئرمين جيڪي ڪئنال ايسوسيئيشن جوڙيندا، اهي ڪئنال ايسوسيئيشن جي جنرل بادي هوندا.

(3) ڊسٽريبيوٽري ايسوسيئيشن جي جنرل بادي، يا جيئن معاملو هجي، ڪئنال بادي سالياني پنهنجي ميمبرن منجهان چيئرمين، سيڪريٽري ۽ خزانچي چونڊيندي.

(4) ڪئنال ايسوسيئيشن جي ڊسٽريبيوٽري ايسوسيئيشن جو چيئرمين، يا جيئن معاملو هجي، ايسوسيئيشن جو چيف ايگزيڪيوٽو هوندو ۽ ڊسٽريبيوٽري ايسوسيئيشن يا ڪئنال ايسوسيئيشن جا عهديدار اهڙن اختيارن جو استعمال ڪندا ۽ اهڙا ڪم ڪندا جيئن جنرل بادي طرفان انهن کي سونپيا ويندا.

ڊسٽريبيوٽري ۽ ڪئنال ايسوسيئيشنز جون ذميواريون ۽ اختيار

Duties and powers of distributor and

12. هڪ ڊسٽريبيوٽري ايسوسيئيشن، يا جيئن معاملو هجي، هڪ ڪئنال ايسوسيئيشن:

(a) ڊسٽريبيوٽري يا ڪنئال سان لاڳاپيل معاملن ۾، جيئن صورتحال هجي، ميمبرن ۽ ڪنهن سرڪاري ڪاتي وچ ۾ رابطي جو ذريعو بڻبي؛

(b) ڊسٽريبيوٽري يا ڪنئال سان لاڳاپيل معاملن ۽ مسئلن ۾، جيئن صورتحال هجي، پنهنجي ميمبرن جي ڪنهن

canal associations

سرڪاري ڪاتي سامهون نمائندگي ڪندي.

(c) ڊسٽريبيوٽريز يا ڪئنالز جيئن صورتحال هجي، انهن جي سڌاري، مرمت ۽ هلائڻ لاءِ آبپاشي ڪاتي سان سهڪار ڪرڻ؛

(d) آبپاشي ڪاتي کي مائينر يا ڊسٽريبيوٽري ۾، مطالبي تي، يا فڪس فراهمي بنيادن تي پاڻي جي فراهمي لاءِ سفارشون يا درخواستون ڪرڻ؛

(e) آبپاشي ڪاتي کي پلين، ريگيوليٽرس، رڪاوٽي اڏاوتون، نئيون مائينر چئنلز جي تعمير يا اهڙن ٻين ڪمن لاءِ ايسوسيئيشن جي پئسن يا ايسوسيئيشن ۽ حڪومت جي گڏيل پئسن سان سفارشون يا درخواستون ڪرڻ؛

(f) جنرل باڊي جي گڏجاڻين جي ڪارروائي، اڪائونٽ بڪس سنيالڻ، طئي ڪرڻ ۽ ميمبر ايسوسيئيشنز کان هن آرڊيننس تحت واجب الادا رهتون جمع ڪرڻ، ۽ ڊفالٽ جي صورت ۾، سرٽيفڪيٽ ڏئي رقم جي رهتن ۾ ڪليڪٽر ذريعي ليند روينيو طور اوڳاڙي ڪرڻ.

جنرل باڊي جي گڏجاڻي

Meeting of the general body

13. (1) دفعہ 4 جي ذيلي دفعہ (1) تحت درخواست ۾ ڄاڻايل ڪنوينر، يا جيڪڏهن ڪو به ناهي ڄاڻايو ويو ڊائريڪٽر طرفان مقرر ڪيل ايسوسيئيشن جو هڪ ميمبر يا ڪنوينر طور بااختيار ٻڌايل عملدار، رجسٽريشن جو سرٽيفڪيٽ ملڻ جي ٽيهن ڏينهن اندر ايسوسيئيشن جي جنرل باڊي جي گڏجاڻي ڪوٺائي سگهي ٿو ۽ جنرل باڊي باءِ لاز جوڙي سگهي ٿي، جن جي ضرورت هجي، ايسوسيئيشن جي بورڊ جا ميمبر

چونڊي سگھي ٿي، بئنڪ اڪائونٽ کولي سگھي ٿي ۽ يا ٻيو ڪو ڪم ڪري سگھي ٿي.

(2) پھرين گڏجاڻي کانپوءِ، جنرل باڊي گھٽ ۾ گھٽ سال ۾ ھڪ دفعو گڏجاڻي ڪندي:

بشرطيڪ جنرل باڊي جي خاص گڏجاڻي ايسوسيئيشن جي ميمبرن جي، جيڪي پنجين حصي کان گھٽ نہ ھوندا، تن جي درخواست تي جنرل باڊي جي گڏجاڻي ڪنھن بہ وقت تي ڪوٺائي سگھجي ٿي.

(3) اھڙي مسئلي کي جنرل باڊي طرفان منظور ڪيل سمجھيو ويندو جنھن جي تائيد ميمبرن جي ٻہ ٽيائي ٿي حصي کان گھٽ ميمبرن نہ ڪئي ھجي.

(4) ايسوسيئيشن جي جنرل باڊي کي ھيٺيان اختيار ھوندا:

(a) بورڊ جا ميمبر چونڊڻ؛

(b) ايسوسيئيشن جي ميمبرن وچ ۾ معاملا نبيرڻ لاءِ ھڪ جيوري مقرر ڪرڻ؛

(c) باءِ لاز جوڙڻ؛

(d) بورڊ، جيوري يا ايسوسيئيشن جي عھديدارن کي اختيار منتقل ڪرڻ؛

(e) ايسوسيئيشن جي پاليسي جوڙڻ يا منظور ڪرڻ؛

(f) اثاثن، بجيٽ يا ٻي ڪنهن مالي ڏي وٺ جي منظوري ڏيڻ؛

(g) واڌاري يا سڌاري جي پروگرام جي منظوري ڏيڻ يا ان ڪانسواءِ سامان، پمپس، سيڪس، پائپ، ڪيميڪلز يا اهڙو ٻيو سامان حاصل ڪرڻ؛

(h) اهڙيون ذميواريون نيائڻ ۽ اهڙا ڪم ڪرڻ جيڪي هن آرڊيننس جا مقصد ماڻڻ لاءِ ضروري هجن.

ايسوسيئيشنز بادبيز ڪارپوريٽ هونديون

Associations to be bodies corporate

14. (1) ايسوسيئيشن هڪ بادي ڪارپوريٽ هوندي، جنهن کي پنهنجي سيل هوندي ۽ اهو اختيار هوندو تہ متحرڪ يا غير متحرڪ ملڪيت، حاصل ڪري سگهي، رکي سگهي، سنياليِ سگهي ۽ ڏئي سگهي، ۽ ان تي انهيءَ حوالي سان ڪيس ڪري سگهجي ٿو يا اها ڪيس ڪري سگهي ٿي.

(2) ايسوسيئيشن جو فنڊ هينين تي مشتمل هوندو:

(a) بيان ڪيل اگهن موجب ايسوسيئيشن جي ميمبرن کان جمع ڪيل ميمبر شپ فيس؛

(b) ايسوسيئيشن جي ذريعن کان تخميني لڳايل اگهہ مقرر ڪرڻ، جيڪي ايسوسيئيشن جي ذريعي سان پاڻي پهچائڻ بابت هوندا؛

(c) هن آرڊيننس جا مقصد پورا ڪرڻ لاءِ حاصل ڪيل قرض؛

(d) هن آرڊيننس جي گنجائشن، قاعدن ۽ باءِ لاز جي پيڪڙي ڪرڻ تي ميمبرز تي لڳايل ڏنڈ؛

(e) ڪا ٻي رقم جيڪا ايسوسيئيشن کي هن آرڊيننس، قاعدن ۽ باءِ لاز موجب حاصل ٿي هجي.

تڪرارن جو حل

Settlement of disputes

15. (1) ايسوسيئيشن جي ميمبرز وچ ۾ هن آرڊيننس تحت پيدا ٿيل تڪرار جنرل باڊي ڏانهن نبيري لاءِ اماٹيو ويندو ۽ جنرل باڊي ان کي پاڻ نبيري سگهي ٿي يا جنرل باڊي تڪرار جي حل لاءِ هڪ جيوري مقرر ڪري سگهي ٿي، جيڪا ٽي ميمبرز کان وڌيڪ تي مشتمل نہ هوندي، يا واٹر ڪورس ايسوسيئيشن جي صورت ۾، بورڊ کي نبيرڻ لاءِ چئي سگهي ٿي:

بشرطيڪ وقتي طور لاڳو آبپاشي سان لاڳاپيل ڪنهن تڪرار جي صورت ۾، بورڊ اهڙو معاملو حڪومت جي آبپاشي ڪاتي ڏانهن اماڻي سگهي ٿو.

(2) جنرل باڊي، يا جيئن معاملو هجي، جيوري يا بورڊ جوابدار ميمبر مٿان ڏنڊ مڙهي سگهي ٿي، جيڪو متاثر يا نقصان پهتل ميمبر جي نقصان کان وڌيڪ نہ هوندو يا پنج هزار رپيا جيڪو به وڌيڪ هجي.

(3) جتي جنرل باڊي طرفان باءِ لاز ۾ ڏنڊ جو شيڊول فراهم ڪيو ويو هجي، ڪيل نقصال يا حاصل ڪيل فاعدي تي، هن آرڊيننس، قاعدن يا باءِ لاز جي پيڪڙي تي، ڏنڊ شيڊول موجب مڙهيو ويندو.

(4) جتي ايسوسيئسيشن جي ميمبرز وچ ۾ ڪو تڪرار وقتي طور لاڳو ڪنهن آبپاشي قانون موجب هجي تہ، ايسوسيئيشن

اهڙو تڪرار نبيري لاءِ حڪومت جي آبپاشي ڪاتي ڏانهن اماڻي سگهي ٿي.

لينڊ روينيو جي رهتن جي بازيابي

Recovery of dues as arrears of land revenue

16. جتي هن آرڊيننس تحت ڪو ڏنڊ، في يا ڪا ٻي رقم واجب الادا آهي، اها مقرر ڪيل وقت تي اوڳاڙي ناهي وئي يا اهڙو ڪو وقت مقرر ڪيل ناهي، رهتن واري رقم جي ڇهن مهينن اندر، ايسوسيئيشن ان سلسلي ۾ سرٽيفڪيٽ جاري ڪري سگهي ٿي ۽ ڪليڪٽر اهڙو سرٽيفڪيٽ ملڻ تي جاڻايل رهتون لينڊ روينيو جي مد ۾ اوڳاڙيندو ۽ اهي ايسوسيئيشن ڏانهن اماڻيندو.

ڊسٽريبيوٽري جو سڌارو

Improvement of Distributory

17. ڪا ايسوسيئيشن جيڪا ڊسٽريبيوٽري يا ڪئنال ۾ سڌارو آڻڻ چاهيندي هجي يا ان جي سڌاري ۾ حصو وٺڻ چاهيندي هجي تہ اها پهرين ڪئنال آفيسر کي منظوري حاصل ڪرڻ لاءِ ۽ ان سڌاري واري ڪم جي نظرداري جون خدمتون حاصل ڪرڻ لاءِ درخواست اماڻي سگهي ٿي.

زمينون حاصل ڪرڻ

Acquisition of lands

18. ايسوسيئيشن واٽر ڪورس ٺاهڻ يا ٻيهر ٺاهڻ جي مقصد لاءِ يا ٽيوب ويلز لڳائڻ يا اهڙي ڪنهن مقصد لاءِ لينڊ اڪويزيشن ايڪٽ، 1894 تحت ڪا زمين حاصل ڪري سگهي ٿي.

جاچ

Inquiry

19. (1) ڊائريڪٽر، پنهنجي ذاتي تحريڪ تي، يا ڪليڪٽر جي گذارش تي يا هڪ ايسوسيئيشن جي هڪ ڀاڱي تي ميمبرز جي درخواست تي، پنهنجي اڳواڻي ۾ يا ڊائريڪٽر طرفان ان سلسلي ۾ بااختيار بڻايل ڪنهن شخص جي اڳواڻيءَ ۾ ايسوسيئيسن جي معاملن جي سلسلي ۾ جاچ جو

حڪم ڏئي سگھي ٿو ۽ اهڙي جاچ کانپوءِ ڊائريڪٽر کي به حڪم جاري ڪري سگھي ٿو جيئن هو مناسب سمجھي.

(2) ذيلي دفعہ (1) تحت ڪيل حڪم سان متاثر ڪو شخص، حڪم جي ٽيهن ڏينهن اندر، حڪومت سامهون اپيل داخل ڪري سگھي ٿو ۽ حڪومت طرفان ان اپيل تي جاري ڪيل حڪم حتمي هوندو ۽ ڪنهن ڪورٽ ۾ ان تي سوال نہ اٹاري سگھبو.

(3) ذيلي دفعہ (1) تحت جاچ ڪندڙ عملدار کي سول ڪورٽ جا اختيار حاصل هوندا:

(a) ڪنهن شخص کي طلب ڪري سگھندو،

(b) ڪو رڪارڊ يا دستاويز طلب ڪري سگھندو،

(c) ڪنهن علائقي جي جاچ پڙتال ڪري سگھندو.

قاعدا جوڙڻ جو اختيار

Power to make rules

20. حڪومت هن آرڊيننس جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ قاعدا جوڙي سگھي ٿي.

باءِ لاز جي منظوري

Approved of bye_laws

21. (1) هڪ ايسوسيئيشن ڊائريڪٽر جي منظوري سان، باءِ لاز جوڙي سگھي ٿي، بشرطيڪ پهريان باءِ لاءِ ان جي رجسٽريشن جي سٹ ڏينهن اندر جوڙيا ويندا.

(2) ڊائريڪٽر ايسوسيئيشنز جي سهولت لاءِ باءِ لاز جو نمونو

جوڙي سگھي ٿو.

نوٽ:ـ آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻھن جي واقفيت لاءِ آھي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگھجي.